# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريه 1987

# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1987

# سنڌ ڳوٺ آباد (هائوسنگ اسڪيم) آرڊيننس، 1987

# THE SINDH GOTH ABAD (HOUSING SCHEME) ORDINANCE, 1987

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات
Short title, extent and commencement

2. وصفون
Definitions

3. زمين جي الاٽمينٽ
Allotment of land

4. هائوسنگ اسڪيم
Housing Scheme

5. زمين جي گرانٽ
Grant of Land

6. الاٽمينٽ يا گرانٽ جو رد ٿيڻ
Cancelation of allotment and grant

7. ٻيهر داخلا
Re_entry

8. طلبي جي ذميداري
Liability of Acquisition
9. اپيل
Appeal
10. اثر انداز ٿيڻ
Overriding effect
11. رعايت
Relaxation
12. قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريه 1987

# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1987

# سنڌ ڳوٺ آباد (هائوسنگ اسڪيم) آرڊيننس، 1987

# THE SINDH GOTH ABAD (HOUSING SCHEME) ORDINANCE, 1987

[25 مئي 1987]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ جي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ مستحق ماڻهن کي هائوسنگ جون سهولتون فراهم ڪيون وينديون.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ جي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ مستحق ماڻهن کي هائوسنگ جون سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ لاڳاپيل يا ذيلي معاملن ۾ سهولتون ڏيڻ ضروي ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال جي تقاضا آهي ته تڪڙو قدم کنيو وڃي؛

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ڳوٺ آباد (هائوسنگ اسڪيم) آرڊيننس، 1987 سڏيو ويندو.

| | |
|---|---|
| (2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو. (3) هي صوبي سنڌ جي سمورن ٻهراڙي وارن علائقن تي لاڳو ٿيندو، سواءِ انهن ٻهراڙي وارن علائقن جي جن کي حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن آرڊيننس جي آپريشن کان ٻاهر رکيو هجي. | Short title, extent and commencement |
| 2. هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين: | وصفون Definitions |
| (a) "الاٽي" مطلب مستحق ماڻهو جنهن کي هن آرڊيننس تحت زمين الاٽ ڪئي وئي آهي؛ | |
| (b) "الاٽمينٽ ڪميٽي" مطلب ڪميٽي جيڪا ستن کان وڌيڪ ماڻهن تي مشتمل نہ هوندي، جيڪا ڪليڪٽر طرفان ڄاڻايل طريقيڪار موجب هڪ يا وڌيڪ ديهن لاءِ جوڙي وئي هجي؛ | |
| (c) "آسائش" مطلب زمين جيڪا ڪنهن ڳوٺ جي ويجهو هجي ۽ چاري جي مقصد يا ڳوناڻن جي ٻئي عام استعمال لاءِ مختص ڪيل هجي؛ | |
| (d) "ڪليڪٽر" مطلب ضلعي جو ڪليڪٽر ۽ جنهن ۾ شامل آهي ڪو عملدار جنهن کي حڪومت طرفان هن آرڊيننس تحت خاص طور تي ڪليڪٽر جون ذميواريون سنڀالڻ لاءِ اختيار ڏنا هجن؛ | |
| (e) "ديهہ" مطلب هڪ ديهہ يا اسٽيٽ جيئن سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1976 ۾ واضح ڪيو ويو هجي. | |
| (f) "مستحق ماڻهو" مطلب هڪ شخص جيڪو ٻهراڙي واري علائقي ۾ رهندو هجي ۽ ڳوٺ ۾ رهائش جو | |

حقيقي ضرورتمند هجي؛

(g) ”حڪومت“ مطلب سنڌ حڪومت؛

(h) ”گرانٽ“ مطلب زمين جا مالڪاڻا حق ڏيڻ جي گرانٽ؛

(i) ”هائوسنگ اسڪيم“ مطلب اسڪيم جيڪا دفعه 4 تحت تيار ڪئي وئي هجي؛

(j) ”زمين“ مطلب حڪومت جي مالڪي هيٺ زمين ۽ جنهن ۾ شامل آهي زمين جيڪا هن آرڊيننس جا مقصد پورا ڪرڻ لاءِ حاصل ڪئي وئي هجي؛

(k) ”واضح ڪيل“ مطلب قاعدن موجب واضح ڪيل؛

(l) ”قاعدا“ مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدا؛

(m) ”ڳوٺ“ مطلب هڪ رهائش يا وسندي جنهن ۾ شامل آهي ڳوٺ، واهڻ يا ٽنڊو، پر سواءِ شهري علائقن جي جيئن سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ واضح ڪيو ويو آهي.

(2) مفهوم اين ورتو ويجي پر جيڪڏهن ٻي طرح هن آرڊيننس ۾ مهيا ڪيو ويجي يا جتي مضمون ۽ مفهوم سمورن اظهارن جي استعمال ڪرڻ باوجود هن آرڊيننس ۾ بيان ڪيل نه آهي ته ان جي اها ساڳي معنيٰ هوندي جيڪا ان کي سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 ۽ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ڏنل آهي.

**زمين جي الاٽمينٽ**
**Allotment of land**

3. هن آرڊيننس جي ٻين گنجائشن موجب، ڪليڪٽر الاٽمينٽ ڪميٽي جي سفارشن تي گهر جي تعمير لاءِ هڪ مستحق شخص کي يونين ڪائونسل ۾ زمين الاٽ ڪري سگهي ٿو جيڪا ٻن گهنٽن کان وڌيڪ نه هوندي، جنهن ۾ هو

عام طور تي مفت ۾ رهائش اختيار ڪري سگهي ٿو اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

بشرطيڪ مٿي ڄاڻايل حد ان زمين يا آسائش تي لاڳو نہ ٿيندي جنهن جاءِ تي مستحق ماڻهو هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ گهر جوڙيو هجي، ان حساب سان تہ ان مستقل رهائش اختيار ڪئي آهي.

**هائوسنگ اسڪيم Housing Scheme**

4.(1) دفعہ 3 جي گنجائشن جي اثرائتو بڻائڻ لاءِ ڪليڪٽر الاٽمينٽ ڪميٽي سان مشوري سان ڄاڻايل طريقي موجب هڪ هائوسنگ اسڪيم تيار ڪري سگهي ٿو.

(2) ذيلي دفعہ (1) تحت اسڪيم ۾ شامل ٿي سگهي ٿو هڪ ڳوٺ جيڪو هڪ نجي زمين تي واقع هجي پر اهڙي زمين اسڪيم ۾ زمين جي مالڪ کان لکت ۾ اجازت کان سواءِ شامل نہ ڪئي ويندي.

**زمين جي گرانٽ Grant of Land**

5. الاٽ ڪيل زمين جا مالڪاڻا حق دفعہ 3 تحت گرانٽ ذريعي الاٽي ڏانهن منتقل ڪيا ويندا اهڙي طريقي ۽ شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**الاٽمينٽ يا گرانٽ جو رد ٿيڻ Cancelation of allotment and grant**

6. جيستائين زمين جي الاٽمينٽ يا ان سلسلي ۾ مالڪاڻن حقن جي منتقلي ڪئي وڃي ڪليڪٽر الاٽي يا گرانٽي کي ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ کانپوءِ زمين جي الاٽمينٽ يا گرانٽ رد ڪري سگهي ٿو ۽ زمين واپس وٺي سگهي ٿو، جيڪڏهن هي مطمئن آهي تہ الاٽي يا گرانٽي:

(a) الاٽمينٽ يا گرانٽ حاصل ڪرڻ لاءِ غلط معلومات فراهم ڪئي آهي؛ يا

(b) الاٽمينٽ يا گرانٽ جي شرطن جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي؛

بشرطيڪ زمين واپس وٺڻ کان اڳ الاٽمينٽ يا گرانٽ جي

شرطن جي ڪنهن پڇڪڙي تي الاٽي يا گرانٽي ڪي اهڙي غلطي سڌارڻ لاءِ جوڳو وقت ڏنو ويندو.

بيهر داخلا
Re_entry

7. (1) جتي دفعہ 6 تحت زمين واپس ڪئي وئي آهي، ڪليڪٽر الاٽي يا گرانٽي کي سموريون عمارتون، اڏاوتون ۽ ٻي ملڪيت، جيڪڏهن ڪا هجي، ان کي هٽائڻ جو حڪم ڏئي سگهي ٿو جيڪا سائيٽ تي ساٽس تعلق رکندي هجي ۽ سائيٽ جو خالي قبضو ڪليڪٽر حوالي ڪرڻ لاءِ ڪيس مهلت ڏني ويندي جيڪا حڪم جاري ڪرڻ واري تاريخ کان سٺ ڏينهن کان وڌيڪ نہ هجي.

(2) جيڪڏهن الاٽي يا گرانٽي ذيلي دفعہ (1) تحت جاري ڪيل حڪم تي عملدرآمد ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو، ڪليڪٽر بيهر داخل ٿي، قبضو وٺي ۽ ذيلي دفعہ (1) تحت حڪم جاري ڪري سگهي ٿو.

(3) ذيلي دفعہ (2) تحت بيهر داخل ٿيڻ جي صورت ۾، ذيلي دفعہ (1) ۾ ڄاڻايل عمارت، اڏاوت يا ٻي ڪا ملڪيت وڪرو ڪئي ويندي.

(4) زمين جي واپسي جي سلسلي ۾ سيڙايل رقم ذيلي دفعہ (3) تحت وڪري واري عمل مان ڪيدي ويندي يا جتي وڪري مان ڪمائي نہ ٿي ٿئي يا گهٽ ٿي ٿئي تہ، اها رقم لينڊ روينيو جي رهتن طور اوڳاڙي ويندي.

طلبي جي ذميداري
Liability of Acquisition

8. جيستائين ڪجهہ وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون جي تڪرار ۾ نہ هجي، ڪا زمين بشمول آسائش ۽ رهائشي هنڌن جي جتي مستقل رهائش لاءِ گهر جوڙيا ويا آهن، اها هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ وقت زمين جي طلبي ايڪٽ، 1894 جي گنجائشن موجب حاصل ڪري سگهجي

ٿي.

بشرطيڪ زمين جا رهائشي هنڌ حاصل نہ ڪيا ويندا جيڪڏهن اهڙي زمين يا رهائشي هنڌ جي مالڪ طرفان گهر جوڙيو ويو آهي.

**اپيل**
Appeal

9. (1) ڪنهن عملدار طرفان هن آرڊيننس تحت جاري ڪيل ڪنهن حڪم جي سلسلي ۾ ضلعي جي ڪليڪٽر کي اپيل ڪئي ويندي ۽ ڪليڪٽر طرفان ڪليڪٽر جي اپيليٽ آرڊر نہ هئڻ جي صورت ۾ جاري ڪيل حڪم تي ڪمشنر کي اپيل ڪئي ويندي.

(2) ذيلي دفعہ (1) تحت ڪيل اپيل ڄاڻايل طريقي موجب ٻڌي ۾ خارج ڪئي ويندي.

**اثر انداز ٿيڻ**
Overriding effect

10. هي آرڊيننس اثرانداز ٿيندو سواءِ ڪالونائيزيشن آف گورنمينٽ لينڊس ايڪٽ، 1912 ۽ ان تحت جوڙيل ڪنهن قاعدي، پاليسي يا حڪم جي.

**رعايت**
Relaxation

11. هن آرڊيننس يا جوڙيل ڪنهن قاعدي ۾ ڪجهہ بہ حڪومت جي اختيار کي محدود يا گهٽائيندو نہ، ان سلسلي ۾ ڪنهن بہ معاملي جي منهن ڏيڻ جي سلسلي ۾، جيئن بہ اهو اڪلائڻ لاءِ ان جي سامهون اچي.

**قاعدا جوڙڻ جو اختيار**
Power to make rules

12. حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

**نوٽ:- آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**